هڻي ٿي ماري ۽ جا تنهنجي هٿن مان ڇڏائي آڪاس
۾ آڪاسي ويئي، سا ديوتا هئي. تنهنجي پيٽ ديوڪيءَ
کي اُن رات سري ڪرشن ڄائو هو، جنهنکي وسديو
اَڌي رات جو نند جي گهر پهچائي آيو هو ۽ اُنجي بدلي
اها ڇوڪري کڻي آيو هو. بلرام وسديو جو پٽ به اڳيئي
نند جي گهر پئي ليندو. مون ته شروعات کان ئي تو کي
چتائي ڇڏيو هو ته ديوڪيءَ جي ٻارن کان خوف ڌارج.
پر ڀائي قسمت جو لکيو ڪير به ميٽي نه ٿو سگهي. هاڻي
به جيڪي تو کان ٿي سگهي، سو پنهنجي بچاءُ لاءِ ڪر.“
اهو ٻڌي ڪنس ڀڙڪائين ته ڇپ وڇون ڪرڻ لڳو،
پر پوءِ ڪاوڙ ۾ وسديو ۽ ديوڪيءَ کي پاڻ وٽ گهرائي
ڪين ڇڏي ۽ مڪانڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته ”هي ڪيتي!
مون سان ڪهڙي ڪري اوهان پنهنجا ٻار نند جي گهر
پهچايا آهن. اُنهن هي قرار ڪيو جهن پاليائين ته پڄي
جي سڀي ڏر ڪسان ڏار ڪري ڇڏيا آن، تڏهن نارد مني
ڪيس هٿ کان جهلي چوڻ لڳو ته ”راجن! منهنجي
مارڻ مان تو کي ڇا مت ايندو؟ مار ته اُنکي، جنهن
مان تو ني ڇپ آهي.“ پوءِ ڪنس وري به اُنهن کي
هٿڪڙيون ۽ جهانئي قيد خاني ڏي موڪليو ۽ نارد مني
موڪلائي رواني ٿيو.

نارد مني جي وڃڻ کانپوءِ راجا ڪنس، ڪيشي

۽ گهرن جا دروازا بند ڪري سري ڪرشن کي مدد لاءِ پڪارڻ لڳا. اُن وقت شيام سندر ۽ بلرام ڳاڻيون چاري ٿي موٽيا. برجواسين جو اِهو حال ڏسي شيام سندر کين ڌيرج ڏيئي چوڻ لڳو ته ”پيارا، متان ڊڄندا ڊڄو. مان اِهو ٿو دئت کي ماري پورو ڪريان.“ ائين چئي سري ڪرشن دئت جي سامهون وڃي کيس چوڻ لڳو ته ”هي ڪپٽي! تون برجواسين کي ڇو ڊيڄاري رهيو آهين؟ منهنجي سامهون آءُ ته خبر پوي. هنڪان اڳي موں تو جهڙا ڪيئي دئت ماري ڇڏيا آهن، سو تون ڪهڙي ليکي ۾ آهين؟“ ورشياسر سري ڪرشن کي ڏسي گهڻو خوش ٿيو. سمجهيائين ته جنهن لاءِ پئي واجهايم، سو ته سهنجيئي ملي ويم. دل ۾ کيس ماري راجا ڪنس کان جيڪو انعام وٺندس. اهڙو خيال ڪري جڏهن ڊاليائين ته سري ڪرشن کي سڱن تي چاڙهي ڦيرو ڏياري ماري ڇڏيائين، تڏهن مرلي منوهر سڱن کان جهلي اهڙو ته زور سان زمين تي ڪڏي اڇلايس، جو هو موڙهجي تي ڪري پيو. پوءِ ڍڳي جي پيرن تي پير رکي اهڙو ته زور لڳايائين، جو اُن جي وات مان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو ۽ هو جلد مري ويو. اِهو حال ڏسي ...ي بند رابن واسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ايشور جا شڪرانا ...جڻ لڳا.

... جي وڃڻ جي خبر پئي، تڏهن راجا ڪنس کي ورشياسر دئت جي ...مجهيائين ته منهنجو موت به سري ڪرشن جي هٿان ئي ... آهي. انهيءَ سوچ ويچار ۾ ويٺو هو ته ناردمني وٽس

آهي ۽ لاچار منهنجو موت به ساڳي هٿان ٿي ليکيو آهي. جيڪو ڏينهن ٻالڪ کي ماري ايندو، تنهنکي مان ڏاڍو کهريو انعام ڏيندس." تنهن تي پوتنا شڪل سر ۽ ڦرڻ وارت سري ڪرشن مهراج جي مارڻ لاءِ ويا، پر ڏن پنهنجي ڪلا سان هنن کي پورو ڪري ڇڏيو.

ڪري ڏينهن ننڍ گوالن کي چوڻ لڳو ته "اڄ ڪالهه ڪوڪل ۾ ڏاڍا اپسوڻ ٿيا ٿين، تنهنڪري صلاح آهي ته ڪنهن ٻئي هنڌ هلي رهجي، جتي ڪا آفت جام نه ٿي." اها ڳالهه ٻڌي انهن ڪيس چيو ته هلي بندرابن ۾ رهون. پڇي ڏينهن هو سڀئي سڀيري بندرابن ۾ وڃي رهيا. ڪنس کي جڏهن خبر پيئي ته ننڍ بندرابن ۾ وڃي رهيو آهي، تڏهن ولسار، بڪاسر ۽ اگهاسر راڪسن کي اوڏانهن موڪليائين، پر انهن راڪسن جو به سري ڪرشن مهراج ساڳيو ئي حال ڪيو.

ڪڏهن ڏينهن راڄا ڪنس وشياسر دئت کي گهرائي چيو ته "آءٌ توکي سڀني دئتن منجهه زبردست سمجهان ٿو. تون جيڪڏهن ننڍ جي پٽن ڪرشن ۽ بلرام کي ماريندين ته مان تنهنجو ٿورو ڪڏهن به نه وساريندس." اها ڳالهه ٻڌي وشياسر ڪري وڏي ڏاڙهي جو روپ ڌاري، رنڀندو، لعل اکيون ڪندو، پڇ مٿي لٽڪائيندو، شام جي وقت اچي بندرابن پهتو. منجهن خوفناڪ رنڀون ٻڌي بندرابن واسي ڏڪي ويا. هو ڪنن سان زمين کوٽيندو ۽ سڱن سان وڻ ڪيرائيندو، سري ڪرشن جي ڳئون ۾ پئي گهميو. ڏهي جي اهڙي شرح حالت ڏسي سڀ گوال ٻال ڊڄي ويا

ھن وقت گوڪل ۾ متَرا ۾ يادون جي ڪُل ۾ جيڪي
ٻالڪ پيدا ٿيا آھن، تنکي وڃي مار. پوُتنا اھا ڳالھ
ٻڌي پوءِ پڇايو ته ٿھہ ڏائڻ جي ڀاڻي ٻالڪن کي ماري
اچڻ سولو ٿيندو. اھا ٻڌ ڏل ۾ رکي، ٿڻن کي زھر
لڳائي ۽ پنھنجو روپ سندر بنائي، پوريائين نند جي
گھر ويئي. جسودا ۽ ٻين استرين ھنجو سندر روپ
ڏسي کيس ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيو. اُن وقت شيام سندر
پينگھي ۾ پئي لڏيو ۽ ھن پوُتنا کي ڏسي مرڪيو، ڇو
جو سمجھيائين ته ھيءَ راڪشڻ ڪپٽ روپ ڌاري
منھنجي مارڻ لاءِ آئي آھي. چڱو ٿيو جو پھريائين اسانجي
گھر آئي نه ته ته خبر نه آھي ته ٻين جي گھر وڃي ڪيترا
ٻار ماري ڇڏي ھا. پوُتنا پينگھي وٽ اچي ڏاڍي پريم
سان شيام سندر کي ھنج ۾ کڻي، منھن مٿو چمي کيس
ڌارائڻ لڳي. سري ڪرشن مھراج پنھنجن ھٿن سان
پوُتنا جي ٿڻن کي جھلي اھڙي ته زور سان سندس ٿڻن
کي ڇوڙيو، جو ھوءَ رڙ ڪري زمين تي ڪري پيئي ۽ ھنجا
پران نڪري ويا. جسودا ماتا ڊوڙندي اچي ڏسي ته ھوڏن
پيارو پوُتنا جي ڇاتيءَ تي چڙھيو ويٺو آھي، سو اُمالڪ
پنھنجي پٽ کي ھنج ۾ کڻي ڇاتيءَ سان لاتائين، ۽
پرماتما جا شڪرانا مڃيائين، جنھن سندس ٻالڪ جي
رکيا ڪئي.

جڏھن ڪنس پوُتنا جي مرڻ جي خبر ٻڌي،
تڏھن پڪ سان سمجھيائين ته منھنجو مارينڌڙ
تحقيق گوڪل ۾ پيدا ٿيو آھي. ھو پنھنجن وزيرن
کي چوڻ لڳو ته نند جي پٽ پوُتنا کي ماريو

پوءِ هن ڪاراڻي ۽ ڳاڙها وستر پهرائي روانو ڪيائين.
پوءِ ڏانهن جسودا ماتا سمجهه جو اُلي جا ڏسي ته
ڪڪي ته نه آهي، پر ڪکو آهي، سو الهيءَ خوشيءَ
۾ ڪپان نه ٿي ماپي. پنهنجي پيار نند کي سڏي
اها خوش خبري ٻڌايائين، جو پٽ ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو.
هنن سمجهيو ته شايد رات جو ننڊ ۾ نه ڪري سکياسين ته
بالڪ کي ڪکو آهي. هوڏانهن ٽراهيءَ ڏينهن نند جي گهر کير
جو ڦڙو به نه رهيو، ڇو جو جيڪي گوال ۽ گوپيون، ڪابون
۽ ميهون ڏهي تن پري مٿي تي رکي ٿي موٽيا، تن
جڏهين ٻڌو ته ڪکي ڪانڌ ڄائي آهي، پر ڪکو ڄائو
آهي، تڏهين حيرانيءَ ۾ پئجي ويا ۽ سندن مٿن تي جهي
تس هٿا، سي عجب ۽ خوشيءَ جون ڪري پنهنجي
پيا. الهيءَ ڏينهن هزارين ماڻهو نند جي گهر آيا ۽ ڪيس
واڌايون ڏنائون. نند سڀني کي مٺايون کارايون ۽
الهيءَ ڏينهن کان گهٽوني دان ڪيو. انهيءَ ڏينهن ۾
سوڊ گوڪل ۾ خوب ملهائبو آهي ۽ جنما شٽميءَ تي
هميشه انهيءَ ڏينهن سوڊ گوڪل ۾ ميلو لڳندو آهي.
هٿي ڏينهن ڪنس پنهنجي راڄ سڀا ۾ صلاحڪارن
کي سڏي چيو ته، "ڏاڍن منهنجي مارڻ لاءِ ڪٿي
تس نروور اوتار ورتو هوندو. ماڻهو الڪي ڪهڙي طرح
هت ڪري مرون." تنهن تي دنت هوڏ لڳائي "سوامي!
اهو سولو رستو آهي ته راڄڌانيءَ ۾ جيترا بالڪ پيدا
ٿيا هجن، اُهي آهي يڪدم مرائي ڇڏجن." دنت جي اها
صلاح ڪنس کي ڏاڍي وڻي ۽ يڪدم بالڪن کي مارائڻ
جو حڪم ڏنائين. هن پوتنا راڪاسڻ کي گهرائي چيو ته

پاڻ ڇڏائي مٿي آڪاس ۾ چڙهي ويئي ۽ پنهنجو ديوي
روپ ڏيکاري چيائينس ته "هي پاپي ڪنس! تنهنجي مارڻ
وارو برج ۾ پيدا ٿي ويو آهي. هاڻي تنهنجو بچڻ ڪونهي.
دشٽ توکي ماري جلدئي پرٿويءَ تان بار هلڪو ڪندو."
ايترو چئي اُها ديوي اُتان آلوپ ٿي ويئي.

اِها آڪاس واڻي ٻڌي ڪنس پشيمان ٿيو ۽ ڪيس
جيوري لڳي ويئي. چوڻ لڳو ته "هاءِ افسوس! مون وسديو
۽ ديوڪيءَ کي ڏکي ڪري ٻه ڏاڍا ڏنا ۽ اُنهنجي نردوش ٻارن
جي مارڻ جو ٻه ڪچا پنهنجي سر تي کنئي. پر ايتري
ڪيدي به منهنجي مارڻ وارو پيدا ٿي چڪو! هاڻي مان
پنهنجو ڏکر ڪنهن سان اوريان؟" ائين ويچار ڪندو
هو وسديو ۽ ديوڪيءَ وٽ آيو ۽ سندن ڄنڪڙيون ۽
ٻيڙيون لاراهي ڪاٽڻ بخشائي چوڻ لڳو ته "مون جهڙو
ڪُڪرمي دنيا ۾ ٻيو ڪو ڪونه هوندو. افسوس! جيتوڻيڪ
پنهنجي ناسونت سرير جي سک لاءِ تو هانجا ٻي قصور ٻالڪ
ماري پنهنجي سر تي پاپ چاڙهيو آهي، تڏهين به منهنجو
ڪارج سڌ نه ٿيو آهي. هاڻي مون تان اهو پاپ جو ٻار
ڪيئن لهندو؟"

ائين چئي ڪنس پنهنجو مٿو ديوڪيءَ جي چرنن
تي رکي زار زار رنو. ديوڪي سندس اپراڌ ڪميا ڪري
سندس مٿو مٿي ڪري لڙڪ اگهڻ لڳيس ۽ وسديو چوڻ
لڳس ته "هي راجن! اوهانجو ان ۾ ڪو ڏوهه ڪونهي.
اسانجي ڪرمن ۾ ائين لکيو هو. ايشور جي
ڪرپا ڪانسواءِ ڪڏهين به سک ملي نه ٿو سگهي." ڪنس
وسديو ۽ ديوڪيءَ کي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ ڪين

خبر نہ آهي تہ ڇو آيا آهين نہ موٽيو آهي." اهڙيون ڳالهيون ڪري جڏهن ڏيو آهي رنڻ ۽ ڇڏڪي تڏهن وسديو ٻاهر نڪتو ۽ ڇوڪري ديوڪيءَ کي ڏيئي سمورو احوال ٻڌايائينس. پوءِ تہ ديوڪي خوش ٿي چيو تہ "هاڻي اسانکي ڪوبہ ڊپ ڪونهي. ٻلي تہ ٻاپي ڪنس هاڻي اسانکي ماري وجهي، پر پٽ تہ بچيو سين."

جڏهن وسديو ڇوڪري کڻي اندر گهڙيو، تيڏهن قيد خاني جا دروازا اڳيئن والڪر وري بند ٿي ويا. وسديو کي هٿڪڙيون ۽ زنجير پئجي ويا ۽ ڇوڪريءَ روئڻ لڳي. روئڻ ٻڌي چوڪيدار جاڳي پيا ۽ سڀجهانئن دڪو وڌو ۽ ڊوڙندا ڪنس وٽ ويا ۽ چيائينس تہ "مهراج! اوهانجو دشمن پيدا ٿيو آهي". اها ڳالهہ ٻڌي ڪنس گهٻرائجي ويو ۽ مٿي اگهاڙو تڪڙو تڪڙو وسديو ۽ ديوڪيءَ وٽ اچي پهتو. تڏهن ديوڪي ڇوڪري کڻي سندس اڳيان اچي بيٺي، ۽ عرض ڪيائينس تہ "ڀاءُ، هيءَ ڇوڪري وٺ. مارڻ جهڙي هيءَ نہ، سهڪي وس آهي." پر نردئي ڪنس سندس ڪا بہ ڪانہ ٻڌي ۽ ڇوڪري ديوڪيءَ جي هٿن مان کسي ورتائين. ڇوري نہ ديوڪيءَ هٿ جوڙي نمرتا سان وينتي ڪرڻ لڳيس تہ "ڀاءُ، ڇهہ ٻار بيچارا تہ اڳي ماريا آهن، باقي هيءَ ڇوڪري ڪٿي ڇڏي ڏي. تہ بيچارا بہ ماري ڇڏيا، پر ڪٿي تہ هاڻي هيءَ ڇوڪري مارڻ مان توکي ڇا هٿ ايندو؟" تنهن تي ٻاپي ڪنس کي ڪاوڙ لڳي ۽ ڇوڪريءَ کي پيرن کان جهلي ٻاهر ڪڍي آيو ۽ جڏهن اُڇاليائين تہ قدرالي بہ ٻي ڇهڪائي هٿان تڏهن ڏو سندس هٿن مان

ڇا ڏسي ته سندس ڪڙيون ۽ زنجير ٽٽي پيا آهن، سڀ دروازا پاڻ مرادو کلي پيا آهن ۽ چوڪيدار پڻ آگهور ننڊ ۾ پيا آهن! اهو حال ڏسي وسديو ٻاهر نڪتو. رات ڏاڍي انڌيري هئي ۽ مينهن به ڇوي ته اڄ نه وسان ته ڪڏهين وسان. ويچارو وسديو پريان جمنا جي پاڻيءَ جي گجگوڙ ٻڌي دهلجي ويو ۽ ڪڙٽيون ڪائڻ لڳو ته ڪهڙيطرح پار وڃي سگهبو؟ اوڏي مهل ڏيکاريس. اڳيان ٽيو ڪدڙ ڏسڻ ۾ آيس جنهن ڇٽڪ رستو ٽپي جمنا جي ڪنڌي تي اچي پيتا. ڪدڙ ڪهڙي پيو جمنا ۾ ۽ ٻه پٺيان ٿي پٺيان پاڻ، تانجو جمنا پٺيانس ويو. اُنهيءَ هنڌ جمنا ۾ پاڻي ڏانڪيو هو. وسديو سڪر سان پار اُڪري ويو ۽ گوڪل ۾، نند جي گهر پهتو. نند جي گهر جو دروازو کليو پيو هو. وسديو سيني پاتين ننڊ ۾ ستل ڏسي جسودا جي پرسان جيڪا نئين ڄاول ڪڪي سمهي پيئي هئي، تنهنکي کڻي آيو ۽ سري ڪرشن مهراج کي اُتي سمهاري موٽي جمنا لنگهي متڙا ڏانهن وريو.

هيڏانهن ديوڪي، جنهن وسديو کي مينهن وسندي اونداهيءَ رات جو گوڪل موڪليو هو، سا پنهنجي ڏاڍي چنتا ڪرڻ لڳي ۽ روئي پڇتائڻ لڳي ته "جيڪڏهين هيٺتر ڪو چوڪيدار جاڳي پوي ۽ دروازو کليل ڏسي، ڪنس کي وڃي ٻڌائي ته پوءِ ڪنس اسان سان ڪيڏيون جٽيون ڪندو. وري جمنا ندي، هيٺتر ڪيل هوندي، سو ڪيئن هو پاڻ کڻي پار اُڪري ... هوندو؟ وئي به ڪيڏي مدت ٿي ويئي آٿس.

اماڻ تو ۾ ڇين، تنھنجي ڪرپ ۽ ارو آلون ڀار، جو ڄو ڪر دولدو، سو تو لاءِ ڪال ٿي ايندو." اھي وقت ڪان ولي ھئي ڪھوٽ ڪنسار کي پالٽرط بدران ڏڪارڻ لڳو. رت کي موٽائي متّرا ۾ آڏائين ۽ وسديو ۽ ديوڪي کي محلات جي ھيٺان جيڪو قيد خانو "ڪارا ڳوھر" نالي ھو، تنھن ۾ بند رکيائين، اِھي ۽ لاءِ تہ سنھنجائي ۽ سان ديوڪي ۽ جي سيڪنھن ٻار کي جمڻ وقت ماري ڇڏيان. ھن پيرا اھڙيطرح سيڪنھن ٻار کي جمڻ وقت ئي پورو ڪيائين. ستين ڀيري ھڪ ٻار ڄو رانجي ويو جنھنجو نالو بلرام ھو، پر ڪيس پڌايو ويو تہ اھو بہ مري ويو. ھاڻي اڪٺي ۾ جو وقت بہ ويجھو پوندو آيو. جنھن رات سري ڪرشن مھراج جو جنم ٿيو، تنھن رات مينھن ۽ واچ بہ ڏاڍي ھئي. ھن جي جنم وقت سان بنديخاني جـي سڄي ڪوٺي روشنائي ۽ سان ڀرجي ويئي. ماتا ديوڪي ۽ وسديو ٻالڪ جو درشن ڪري خوش ٿيا ۽ سندن سڀ ڪٺيون لھي ويئون. آن مھل آڪاس واڻي ٿي:- "ھي وسديو! تون ھن ٻالڪ کي ڪٺي "نند" جي گھر گوڪل ڳوٺ ۾ ڇڏي آ ۽ اتي ڪنڍي ڄو ڪري ھنوقت پيدا ٿي آھي، سا ھتي کڻي آءِ." ويچارو وسديو اچي منجھيو تہ ڪيئن مان قيدي، ٻالڪ کي کڻي ٽار جمنا نديءَ مان لنگھي، پرين پار گوڪل ۾ ڇڏي اچان. پر لسھو ھوس تہ ھي سڀ پرم تما جي رھنا رچيل آھي ۽ ھنجي ڪرپا سان سڀ سولي ٿي پوندي. وسديو پوءِ ٻالڪ کي ڪت توڪري ۽ ۾ رکي متي تي کڻي جئن دروازي جي ويجھو آيو تئن

وچون ڏانس ڊوڙيو ۽ سندس سرير کي اُڇلجي ويو ۽
ٻانهيائين تہ زور ڏيئي سندس پران ڪڍان، پر سري
ڪرشن مهراج پنهنجو بدن ڦوڪي ايترو ڪري وڏو
ڪيو جو ناڳ جو سنڌ سنڌ ٽٽڻ لڳو. پوءِ ڪالي ناڳ
وياڪل ٿي سري ڪرشن مهراج کي پنهنجين ڦڻين
سان ڦوڪون ڏيئي ڏنگڻ جي ڪوشش ڪئي، پرشيام
سندر هڪڙي ڦڻ تي بيهي زور سان نچڻ لڳو،
جنهنڪري ناڳ جي وات مان رت ريلا ڪري وهڻ
لڳو. ڪالي ناڳ پنهنجو اهو حال ڏسي پنهنجو سڀ
ايمان ڇڏي سر جهڪائي سرڻ پيو. سري ڪرشن مهراج
هن تي ديا ڪري هنکي جيئدان ڏنو ۽ هنکي حڪم ڪيو
تہ جمنا ندي ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهہ.

ڪنس جو پرسنگ

سري مد ڀاڳوت ۾ لکيل آهي تہ ڪنس، متڙا
جو راجا، بلڪل ظالم هو. سڄي دنيا کي هن پنهنجن
ظلمن ڪري ڏڪائي ڇڏيو هو. اترو تہ ڪڪرمي هو،
جو پنهنجي سڳي ڀيڻ ۽ ڌرماتما اُگرسين کي بہ قيد خاني
۾ وجهي ساڻس ڏاڍيون جهڙيون ڪيائين. هو
پنهنجي سوٽ ديوڪيءَ کي بلڪل ڪين ڀانئيندو هو.
وٽس وسديو نالي هڪ درٻاري هو، جنهن سان بہ هنجي
گهاٽي دل هئي. هنجي مرضي ٿي تہ انهن ٻنهي جي پاڻ ۾
شادي ٿئي. وهانو ٿيڻ کانپوءِ ڪنس ڏاڍي پريم مان
وسديو ۽ ديوڪيءَ کي رٿ ۾ چاڙهي وسديو جي گهر
ڇڏڻ ٿي ويو تہ وات تي آڪاس واڻي ٿي تہ "هي هتيارا
دُشت! جنهن ديوڪيءَ کي تون هيتريءَ خوشيءَ سان

هوندس جا؟ (ٻاو- ديوتائن ۽ دئتن سمجهيو ته تون آهين
ڳوٺ، ٻر تو موهني اوتار ڌاري ٻر گهٽ ٿي سيمي کي نه
ڪري ڏيکاريو ته تون مٿي قائم آهين). [مور= هيس يع
ديوتائن ۽ دئتن ۾ ٻکلائي = ٻرمڇي، تسي، ڪاوڙ ڪري
وند ديٺا= ورهائي ڏيو.]

نوٽ:- (۱۴) رتنن وارو پرسنگ پڙهي شبد
جي ٻليان ڏسو.

ڪالي نانگ جو پرسنگ.

ڪالي نالک جمنا ندي ۾ رهندو هو. منجهي زهر
جو اثر ايترو هو، جو ڪو به جيو اُتي نه جي نه سکهندو هو.
هڪ دفعي جيڏن ڪوال ڪاليون چاري ڪين جمنا نديءَ
تي پڙهي پيارط ولي ويا، تنئن ڪالي نالک جي زهر
ڪري سڀ بيهوش ٿي ڪري پيا ۽ مري ويا. سري
ڪرشن مهاراج ڪجه وقت اُنهنکي نه ايندو ڏسي، ڪين
ڳولهڻ لاءِ نڪتو ۽ جمنا نديءَ جي ڪناري تي اچي پهتو.
جتي ڇا ڏسي ته سڀ ڪاليون ۽ ڪوال مئا پيا آهن. سري
ڪرشن مهاراج پنهنجي ديا ڪري اُنهن سڀني کي
سجيت ڪيو. پوءِ کيس خيال پيو ته ڪالي نالک جو
جمنا نديءَ ۾ رهڻ چڱو نه آهي ۽ تنهنڪري دنکي دتان
ڪڍڻ کپوري. سو شيام سندر ڇا ڪيو، جو سڀ ڪوال ٻال
ساط ڪري جمنا جي ڪنڌي تي وچي هڪ وڻ تي
ڏڙهي اُنهيءَ هنڌ ٽپو ڏنو، جتي ڪالي نالک رهندو هو.
سڀ ڪوال ٻال روڻ لڳا، پر ٻلرام اُنهن سيني کي
ڌيرج ڏنو ته اڄو تو ڪالي نالک کي ماري ٻاهر ڪري.
چڏهين ڪالي نالک شيام سندر کي ڏٺو، تڏهين ڪروڌ

کي تـو ناس ڪيو تـہ انهيءَ ڪري تون وڏو ڪيئن ٿي پئين؟ (ڀاو- اُهو بہ ڪو تنهنجي لاءِ اسچرج جهڙو ڪرم نہ آهي). هي پرماتما! تون جو سڀني ۾ اِڪ رس رمي رهيو آهين، سو توکي ڪهڙيطرح پرش چئجي ۽ ڪهڙيطرح توکي استري چئجي؟ (ڀاو- تون جنم مرڻ کان رهت آهين). [جڳت = رزق جو بندوبست؛ نت = نٿڻ، ٻڌارڻ، دمن ڪرڻ؛ جورُوَ = استري؛ نرنتر = انتري يا تفاوت کانسواءِ، اِڪ رس]

نوٽ:- ڪالي ناڳ جو پرسنگ هن شبد جي پنيان ڏسو.

(٣) نال ڪُٽنب ساٿِ وَر داتا، بُرهما ڀالڻ سِرشٽ گئيا

آگيءَ انت نہ پائيو تانڪا، ڪنس ڇيد ڪيا وڏا ڀئيا

ارٿ:- هي پرماتما! برهما، جو ور ڏيندڙ آهي سو پنهنجي ڪٽنب سميت تنهنجي سرشٽيءَ جو انت ڳولڻ لڳو، پر انت نہ پائي سگهيو. (اهڙو جو تون بي انت آهين، سو) جي تو ڪنس کي ماريو تہ ڪيئن وڏو ٿئين؟ (ڀاو- اهو بہ ڪو تنهنجي لاءِ اسچرج جهڙو ڪرم نہ آهي). [ڀالڻ = ڳولڻ؛ ڇيد = مارڻ.]

نوٽ:- ڪنس جو پرسنگ پنيان ڏسو.

(٤) رَتن اُپاءِ ڌري، کير مٿيا، هور ڀڪلائي جہ اسي ڪيتا

ڪهي نانڪ ڇپيءَ ڪيُہ ڇپيا، ايڪي ايڪي ونڊ ديتا.

ارٿ:- هي پريو! تو کير سمندر ولوڙي اُن مان (١٤) رتن اُپن ڪيا. هين يعني ديوتائن ۽ دئتن پرماجي جيو تہ اسان اهو ڪم ڪيو. گورو صاحب چون ٿا تہ پريو! تو موهني اوتار ڌاري هڪڙو رتن ديوتائن ۽ دئتن کي ورهائي ڏنو. هي پريو! تون ڪنهنجي لڪائڻ سان لڪي

آسا محلا پهلا شبد (٧)

اُٿانڪا:- ڪنهن شخص هريءَ جي تعريف ڪئي ته وڏو پراڪرم ڪيو اٿس، جو راوڻ، ڪنس ۽ ڪالي ناڳ کي ناس ڪيائين، جنهن تي گورو صاحب هي وچن چيا.

(١) پوڻ اُپاءِ ڌري سڀ ڌرتي، جلَ اَگني ڪا بنڌُ ڪيٽا
اَنڌُلي دَهه سِرِ موُنڊُ ڪٽائيا. راوڻُ مارِ ڪيا وڏا ڀئيا

ارٿ:- هي پرماتما! پوڻ، ڌرتي، جل، اگني (۽ آڪاس)، اِهي گڏ ڪري تو سرشٽي بڻائي. (اهڙو تون سرو شڪتيوان آهين. پر جيڪڏهن) اگياني ڏهن سرن واري راوڻ تو کان سر ڪٽايا ته راوڻ کي مارڻ تون ڪيئن وڏو ٿئين؟ (ڀاو- اهو تنهنجي لاءِ ڪو اچرج روپي ڪرم نه آهي). [بنڌ ڪيا= بندش ڪيو، ملايو؛ انڌلي = انڌو، اگياني؛ دهه سر = ڏهن سرن وارو، راوڻ؛ مونڊ ڪٽايا = سر ڪٽايا.]

ڪِيا اُپما تيري آکي جاءِ. توُن سَربي پوُر رهِيا لِوُ لاءِ
(اڪ رهاءِ)

ارٿ:- "هي اڪال پرک! تنهنجي اُستت ڪهڙي ورنن ڪئي وڃي؟ جيڪڏهن تو سان لو لڳائي ڏسجي ته تون سڀني ۾ وياپڪ ٿي رهيو آهين". [اُپما = اُستت.]

(٢) جيئَ اُپاءِ جُگتِ هٿ ڪيني، ڪالي نٿِ ڪيا وڏا ڀئيا
ڪسُ تُون پرکُ، جورُو ڪوڻُ ڪهيئي، سرب نرنتر رو رهِيا.

ارٿ:- جيون کي اُپائي اُنهن جي ڪائنات پيدائش جي جُڳت تنهنجي هٿ ۾ رکي اٿئي. اهڙو سمرٿ ٿي ڪالي ناڳ

ارتھ :- من، جنت ہ پرماتما جو یؤ رکرں، سا میری آہی . سدیو یعنی اُتندی وسندی ان کی رکر کرتی سماجوڑ یعنی ناسونت جاٹرں سو ساتھو بھتو لمنڑ آہی . ہی بائی! انہی پرکار توں بہر رکی رکی نہتر . (مطلب ویچار سان ہتی رؤبی بہر کرں) . [نیما نبت == نتونرت ، سدیو سٹاہر == رکر لمتڑ لبت --- لارو رکرڑ جمٹر رجڑ مؤل ناجو کندا آدر .]

(۴) سکر سیا دیکھا کا پار - گورمکھ سٹھا سچا ناں
نانک آکرلی وبرا وبر - لت رنب نانہ رکی رکی نہتر .

ارتھ :- ہی بائی! سکدا ونڑ جو بار ادا ساتھی سکر سدا آہی . گورمکھ تی ساچو نام سٹرں گھورہی . گورو صاحب فرمائس تا تر ورتی وری پرماتما جو نام اُدھارڑ گورہی . ہی بائی، انہی پرکار توں بہر رکی رکی نہتر . (مطلب ار ویچار سان ہتی روبی بہر کرں) . [دیکھا == سکدا ; وراوبر == وری وری، بار بار .]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਪਉਣੁ ਉਪਾਇ ਧਰੀ ਸਭ ਧਰਤੀ ਜਲ ਅਗਨੀ ਕਾ ਬੰਧੁ ਕੀਆ ॥ ਅੰਧੁਲੇ ਦਹ ਸਿਰਿ ਮੂੰਡ ਕਟਾਇਆ ਰਾਵਣੁ ਮਾਰਿ ਕਿਆ ਵਡਾ ਭਇਆ ॥ ੧ ॥ ਕਿਆ ਉਪਮਾ ਤੇਰੀ ਆਖੀ ਜਾਇ ॥ ਤੂੰ ਸਰਬੇ ਪੂਰਿ ਰਹਿਆ ਲਿਵ ਲਾਇ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਜੀਅ ਉਪਾਇ ਜੁਗਤਿ ਹਥਿ ਕੀਨੀ ਕਾਲੀ ਨਥਿ ਕਿਆ ਵਡਾ ਭਇਆ ॥ ਕਿਸੁ ਤੂੰ ਪੁਰਖੁ ਜੋਰੂ ਕਉਣ ਕਹੀਐ ਸਰਬ ਨਿਰੰਤਰਿ ਰਵਿ ਰਹਿਆ ॥ ੨ ॥ ਨਾਲਿ ਕੁਟੰਬੁ ਸਾਥਿ ਵਰ ਦਾਤਾ ਬ੍ਰਹਮਾ ਭਾਲਣ ਸ੍ਰਿਸਟਿ ਗਇਆ ॥ ਆਗੈ ਅੰਤੁ ਨ ਪਾਇਓ ਤਾਂਕਾ ਕੰਸੁ ਛੇਦਿ ਕਿਆ ਵਡਾ ਭਇਆ ॥ ੩ ॥ ਰਤਨ ਉਪਾਇ ਧਰੇ ਖੀਰੁ ਮਥਿਆ ਹੋਰਿ ਭਖਲਾਏ ਜਿ ਅਸੀ ਕੀਆ ॥ ਕਹੈ ਨਾਨਕੁ ਛਪੈ ਕਿਉ ਛਪਿਆ ਏਕੀ ਏਕੀ ਵੰਡਿ ਦੀਆ ॥ ੪ ॥ ੭ ॥

(۱) واڃا مَت پکاوڄ پاءِ دوءِ آنندُ سدا مَن چاءُ
ايها ڀڳت اهو تپ تاءُ - اِت رنگ ناچهُ رکهِ رکهِ پاءُ ۱

ارٿ:- هي ڀائي! ڀڳوتي سمجهه کي واڄو ڪر ۽ پريم کي ڏڪر ڪر. ائين ڪرڻ سڌيءَ من ۾ آنند ۽ خوشي ليندي. اهائي ڀڳتي آهي ۽ اهائي تپسا آهي. انهيءَ پرڪار تون پير رکي رکي نچ. (مطلب ته وچار سان ٻڌيءَ روپي پير کڻ). [مت = سمجهه؛ پکاوڄ = ڏڪر؛ رنگ = پريم، دستور، پرڪار.]

پوري تال جاڻيءِ سالاهُ - هور نچڻا خوشيان مَن ماهِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي ڀائي! پرميشور جي ساراهه جاڻڻ اهوئي تنهن پورو رکڻ آهي ۽ پرماتما جي اُستت کانسواءِ ٻيو جيڪو نچڻ آهي، سو سڀ من جون خوشيون آهن. (ڀاو- من جي لاءِ ونڊر آهي، پر انهيءَ مان جيوکي ڪو لاڀ ڪونهي). [ماهِ = جون.]

(۲) سَت سنتوکهِ وڄهِ دهِ تال - پيري واڃا سدا نهال
راڳُ ناد نهي دوڄا ڀاءُ - اِت رنگ ناچهُ رکهِ رکهِ پاءُ ۲

ارٿ:- هي ڀائي! سچ ۽ سنتوک ڌارڻ ڪنهين جي جوڙيءَ جو وڄڻ آهي ۽ هرن جا گهنگهرو اُهي آهن، جو سڀ هوءِ کي ڏسجي. پرماتما کانسواءِ ٻئي ڪنهن سان پيار نه ڪرڻ، سو راڳ سان شبد ڳائڻو آهي. انهيءَ پرڪار تون پير رکي رکي نچ. (مطلب وچار سان ٻڌيءَ روپي پير کڻ). [دهِ تال = ڪنهين جي جوڙي؛ سدا نهال = هرڪيءَ کي سڀ ڏسڻ؛ راڳُ ناد = شبد راڳ سان ڳائڻ.]

(۳) ڀؤ فيري هووي مَن چيت - بهندِ ئان آٺند ئان نيتا نيت
ليترا ليت جاڻيءِ تن سنتاهِ - اِت رنگ ناچهُ رکهِ رکهِ پاءُ ۳

غلطان رهي ٿو. گورو صاحب جن وينتي ڪري جون ته
مان ويچارو ته ائين چوانٿو ته "هي پريوا تون پاڻ ئي هي
سڀ نيارا نيارا روپ رچين ٿو. [ڪل = ڪالهه ۾. ڪلوالي
= گهڙي واري ۾. مد — شراب ۾. متوالا = مست. بپڙا = ويچارو.]
شاهه صاحب پڻ فرمائين ٿا ته:-

"ڪوڙين ڪانئون تنهنجون لکين لکه هزار
جي سڪن جي سين، درسن ڏارو ڏار،
پرين تنهنجا پار، ڪيڙا ڇڏي ڪي ڇوان."

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਵਾਜਾ ਮਤਿ ਪਖਾਵਜੁ ਭਾਉ ॥ ਹੋਇ ਅਨੰਦੁ ਸਦਾ ਮਨਿ ਚਾਉ ॥ ਏਹਾ ਭਗਤਿ ਏਹੋ ਤਪ ਤਾਉ ॥ ਇਤੁ ਰੰਗਿ ਨਾਚਹੁ ਰਖਿ ਰਖਿ ਪਾਉ ॥ ੧ ॥ ਪੂਰੇ ਤਾਲ ਜਾਣੈ ਸਾਲਾਹ ॥ ਹੋਰੁ ਨਚਣਾ ਖੁਸੀਆ ਮਨ ਮਾਹ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਤੁ ਸੰਤੋਖੁ ਵਜਹਿ ਦੁਇ ਤਾਲ ॥ ਪੈਰੀ ਵਾਜਾ ਸਦਾ ਨਿਹਾਲ ॥ ਰਾਗੁ ਨਾਦੁ ਨਹੀ ਦੂਜਾ ਭਾਉ ॥ ਇਤੁ ਰੰਗਿ ਨਾਚਹੁ ਰਖਿ ਰਖਿ ਪਾਉ ॥ ੨ ॥ ਭਉ ਫੇਰੀ ਹੋਵੈ ਮਨ ਚੀਤਿ ॥ ਬਹੰਦਿਆ ਉਠੰਦਿਆ ਨੀਤਾ ਨੀਤਿ ॥ ਲੇਟਣਿ ਲੇਟਿ ਜਾਣੈ ਤਨੁ ਸੁਆਹੁ ॥ ਇਤੁ ਰੰਗਿ ਨਾਚਹੁ ਰਖਿ ਰਖਿ ਪਾਉ ॥੩॥ ਸਿਖ ਸਭਾ ਦੀਖਿਆ ਕਾ ਭਾਉ ॥ ਗੁਰਮੁਖਿ ਸੁਣਣਾ ਸਾਚਾ ਨਾਉ॥ ਨਾਨਕ ਆਖਣੁ ਵੇਰਾ ਵੇਰ ॥ ਇਤੁ ਰੰਗਿ ਨਾਚਹੁ ਰਖਿ ਰਖਿ ਪੈਰ ॥ ੪ ॥ ੬ ॥

آسا محلا پهلا شبد (٦)

ٽيڪا:- هي شبد سري گورو نانڪ ديو جن
سري ڪرشن مهاراج جي رک آپاشڪ کي ڇڏي ٻڌايو. هن
شبد ۾ گورمکن جي راس ۾ رلن ڪيل آهي.

تون آهين ۽ جگياسين جي رسنا ني جو نام وسي ٿو،
تون ئي آهين. هي هري! اچؤ ز توکان سواءِ ٻيو ڪو
[سرت — گيان، سمجهه ۽ بسنا = وسندڙ يعني نام ۽ مائي
هي هري.]

صاحب ميرا ايڪو هئ — ايڪو هئ ڀائي ايڪ
(ايڪ رهاءِ)

ارٿ :- هي منهنجا صاحب! تون هڪڙو آهين، هڪ
آهين، هڪڙو آهين يعني ٻيهر ڪال ۾ تون هڪڙوئي آهين

(٢) آپي ماري آپي ڇوڙئي، آپي ليوئي ديهه
آپي ويکئي آپي وگسئي، آپي ندر ڪريهه

ارٿ :- هي هري! تون پاڻ ئي مارين ٿو، تون پاڻ
ديا ڪري جڏي ڏيئي ٿو، پاڻ ئي وٺي ٿو ۽ پاڻ
لي ٻيڪسجهه ڏين ٿو. تون پاڻ ئي جيون جا شيءِ ۽ آشي ڪرم
ڏسين ٿو. تون پاڻ ئي خوش ٿين ٿو ۽ پاڻ ئي ڪريا درشتي
ڪرين ٿو.

(٣) جو ڪڇه ڪرڻا سو ڪر رهيا، اور نہ ڪرڻا جائي
جيسا ورتئي تيسو ڪهيئي، سڀ تيري وڏيائي

ارٿ :- هي واهگورو! جيڪي توکي ڪرڻو آهي، سو
ڪري رهيو آهين. ٻيو ڪڇه ڪنهن کان ۾ ڪيو نہ ٿو وڃي.
جيڪا ڪاربار ملي ٿي، سائي جوڙ ۾ اچي ٿي. اهو سڀ
سڀهڪو تيرو آهي.

(٤) ڪلِ ڪلوالي، مائيا مد ميٺا، من متوالا پيوت رهئي
آپي روپ ڪري بهه ڀانتي، نانڪ بپڙا ايو ڪهئي.

ارٿ :- ڪلجڳ ۾ گهيءَ واري مايا آهي، سا جيو جو
من، ملو شراب سمجهي، مست ٿي پيئندو رهي ٿو يعني اٺ

(٤) ماڻس مورت نانڪ نام - ڪرڻي ڪتا در فرمان

گرپرسادي جاڻيءِ مهمان - تا ڪجهه درگهه پاوي مان.

ارٿ :- گورو صاحب فرمائين ٿا تہ ماڻس جي صورت نالي ماتر آهي؛ پر انهيءَ جي ڪرڻي ڪتي جهڙي آهي، انهيءَ طرح در سو فرمان آهي. پر ستگورن جي ڪرپا سان جيڪڏهن ڪو پاڻ کي سنسار ۾ مهمان سمجهي نرموهہ ٿي رهي تہ پوءِ اڳيان پرڀو جي درٻار ۾ ڪجهه عزت آبرو لهي. [ادر = در جو.]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਜੇਤਾ ਸਬਦੁ ਸੁਰਤਿ ਧੁਨਿ ਤੇਤੀ ਜੇਤਾ ਰੂਪੁ ਕਾਇਆ ਤੇਰੀ ॥ ਤੂੰ ਆਪੇ ਰਸਨਾ ਆਪੇ ਬਸਨਾ ਅਵਰੁ ਨ ਦੂਜਾ ਕਹਉ ਮਾਈ ॥੧॥ ਸਾਹਿਬੁ ਮੇਰਾ ਏਕੋ ਹੈ ॥ ਏਕੋ ਹੈ ਭਾਈ ਏਕੋ ਹੈ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ॥ ਆਪੇ ਮਾਰੇ ਆਪਿ ਛੋਡੈ ਆਪੇ ਲੇਵੈ ਦੇਇ ॥ ਆਪੇ ਵੇਖੈ ਆਪੇ ਵਿਗਸੈ ਆਪੇ ਨਦਰਿ ਕਰੇਇ ॥ ੨ ॥ ਜੋ ਕਿਛੁ ਕਰਣਾ ਸੋ ਕਰਿ ਰਹਿਆ ਅਵਰੁ ਨ ਕਰਣਾ ਜਾਈ ॥ ਜੈਸਾ ਵਰਤੈ ਤੈਸੋ ਕਹੀਐ ਸਭ ਤੇਰੀ ਵਡਿਆਈ ॥ ੩ ॥ ਕਲਿ ਕਲਵਾਲੀ ਮਾਇਆ ਮਦੁ ਮੀਠਾ ਮਨੁ ਮਤਵਾਲਾ ਪੀਵਤੁ ਰਹੈ ॥ ਆਪੇ ਰੂਪ ਕਰੇ ਬਹੁ ਭਾਂਤੀ ਨਾਨਕੁ ਬਪੁੜਾ ਏਵ ਕਹੈ ॥ ੪ ॥ ੫ ॥

آسا محلا پهلا شبد (٥)

(حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀِل.)

(١) جيتا شبد سرت ڌُنِ تيتي، جيتا روپ ڪائيا تيري

تون آپي رسنا آپي بسنا، اور نہ دوجا ڪهئو مائي

ارٿ :- هي مرتي! جيڪي وحس آهن، جيڪا گيان سمجهہ آهي، جيڪا ٻولي آهي، جيڪي روپ ۽ سرير آهن، اهي سڀ تنهنجي ساڳري آهي. هي پرماتما! رسنا روپ سان

پڪت تلسيداس صاحب جن فرمائين ٿا:-

”تلسي اس جڳ آئڪي، ڪن نہ ڇيپو سري ...

ڪاڳ، پيسا، پهرنا، تن ڪا پيا حرامُ.“

(۳) درسن ديکڻ ڏئياڻ دوءِ - لئي دتي وڌ رهيُ نہ ڪ...

راجا ليان ڪري هٿ دوءِ - ڪهيُ خداءِ نہ مائي ڪ...

ارٿ:- ڪاڄگهہ جا گورو وري ڪهڙا آهن جو سڪن جو ... حال ڏسي اُنهڪي ديا نہ ٿي اچي. ڏيڻ وٺڻ ڪانسواءِ ڪوئي گوءِ ٿو رهي. (مطلب ته جگڏهس سڪ پهنجي گوروءَ کي پتا نہ ٿا ڏين ۽ گورو وري ڪس ڪاهڪر نہ ٿو ڏئي نہ ٻوءِ جا جا سڪ ٿا، جي وت ڪجهہ بدارت آهي. جگڏهس گو جوي ... نہ حاجي راسطي مهنجو سو گريو نہ گوہ ڪس نہ ٿو مڃي. [وٺ — ڪانسواءِ هت — پاس — وت]

ذهن:- ”درسن ڪوءِ“ اُٻن ٽڪن جو ارٿ ڪي پيتر هن طرح ڪري ٿو:- فقط درسن ڪرڻ سان گورو جي ديا نہ ٿي لٿي. (مطلب ته سڪ فقط، گوروءَ جو درسن ڪندو ۽ مسجهس ستڪورو لاءِ شرڌا ۽ پريم نہ هوندو ته هو ستڪورو جي مهر حاصل ڪري نہ سگهندو ۽ ڏيڻ وٺڻ کانسواءِ ڪجهہ نہ ٿو بڻجي. ڏو سڪ شرڌا ڏاريندو ۽ پريم رکندو ته ستڪورو نہ هستي مهر ڪري هڪي مڪتيءَ جو دروازو کولي ڏيندو.

پرماڻ:- ”سڪ نون سيڪو يڪدا، جيتا جڳت سسار ڏلي مڪت نہ هوئي، جهڙ شبد نہ ڪري ويچارُ.“

[وڏهس ڪي وار سارڪ (۱) محلا (۳) پوڙي (۲۱)]



(١) ڌاڻ مديري کهت ڪي کهاڙ - دولڪ دنيا واجهه واج
نارد ناچي ڪل ڪا ڀاءُ - جتي سَتي ڪهه راکهه پاءُ

ارٿ :- هي پيارا، آسا ۽ ترشنا روپي جهانجهن ۽ راڳ دويش روپي ڪنجهيون سنساري جيون جي انتهڪرڻ ۾ بيٺيون وڄن ۽ دئيت روپي ڍولڪ جا آواز دنيا ۾ پيا وڄن. وڪلپ روپي نارد روپي من، جو چنچل آهي سو سنڪلپ ڪاڃگ جو ورتاءُ آهي. من جڳ ۾ جيڪي ناچ نچي رهيو آهي، اهو ڪاڃگ ۽ اهو ورتاءُ آهي. مطلب ڪاڃگ جتي ستي آهن، سي ڪٿي پير رکندا، [ڌال = جهانجهه ؛ ۾ جت ۽ ست جو زور گهٽ آهي. [ڌال = جهانجهه ؛ مديري = ڪنجهيون ؛ کهت = سريعني انتهڪرڻ ؛ کهاڙ = رستو ؛ آستان ؛ دولڪ = ڍولڪ ؛ ڪل = ڪاڃگ.]

نانڪ نام وِٽهه قربان - اندي دنيا صاحب جاڻ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- گورو صاحب فرمائين ٿا تہ مان پرماتما جي نام تان بلهار وڃان ٿو. هي اندا دنيا جا لوڪو! اوهين مالڪ کي جاڻو. [وٽهه = تان]

(٢) گورو پاسهه ڦر چيلا کاءِ - طعام پريت وسي گهر آهه
جي سؤ ورهيا جيوڻ کاڻ - خصم پڇاڻي سو دن پرواڻ

ارٿ :- ڪلجڳ ۾ چيلا اڄ ٿيا آهن، جي گوروءَ جي کائين ٿا ۽ کاڌي جي رس ڪري سندن گهر ۾ گذارين ٿا. هي ڀائي! جيڪڏهين اُهي سؤ ورهيہ ڪٿي جيئڻ ۽ کائين (تہ بہ سندن جيئڻ ۽ کائڻ نسفل آهي). جنهن ڏينهن مالڪ (واهگوروءَ) کي سڃاڻيجي ٿو، سوئي ڏينهن سڦل آهي.
[کاڻ = کائڻ ؛ پرواڻ = قبول، سڦل.]

ڏئي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمايو ته حيلڪڙ
ڪيهڪي سچو نام ڏئي ٿو ته مڪان ۾ لوڪ ۾ ڪرمن
حسان ۾ ... ته ٿو اچي.

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਤਾਲ ਮਦੀਰੇ ਘਟ ਕੇ ਘਾਟ ॥ ਦੋਲਕ ਦੁਨੀਆ ਵਾਜਹਿ ਵਾਜ ॥
ਨਾਰਦੁ ਨਾਚੈ ਕਲਿ ਕਾ ਭਾਉ ॥ ਜਤੀ ਸਤੀ ਕਹ ਰਾਖਹਿ ਪਾਉ ॥
੧ ॥ ਨਾਨਕ ਨਾਮ ਵਿਟਹੁ ਕੁਰਬਾਣੁ ॥ ਅੰਧੀ ਦੁਨੀਆ ਸਾਹਿਬੁ
ਜਾਣੁ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਗੁਰੂ ਪਾਸਹੁ ਫਿਰਿ ਚੇਲਾ ਖਾਇ ॥ ਤਾਮਿ
ਪਰੀਤਿ ਵਸੈ ਘਰਿ ਆਇ ॥ ਜੇ ਸਉ ਵਰ੍ਹਿਆ ਜੀਵਣ ਖਾਣੁ ॥
ਖਸਮ ਪਛਾਣੇ ਸੋ ਦਿਨੁ ਪਰਵਾਣੁ ॥੨॥ ਦਰਸਨਿ ਦੇਖਿਐ ਦਇਆ
ਨ ਹੋਇ ॥ ਲਏ ਦਿਤੇ ਵਿਣੁ ਰਹੈ ਨ ਕੋਇ ॥ ਰਾਜਾ ਨਿਆਉ
ਕਰੇ ਹਥਿ ਹੋਇ ॥ ਕਹੈ ਖੁਦਾਇ ਨ ਮਾਨੈ ਕੋਇ ॥ ੩ ॥ ਮਾਣਸ
ਮੂਰਤਿ ਨਾਨਕੁ ਨਾਮੁ ॥ ਕਰਣੀ ਕੁਤਾ ਦਰਿ ਫੁਰਮਾਨੁ ॥ ਗੁਰ
ਪਰਸਾਦਿ ਜਾਣੈ ਮਿਹਮਾਨੁ ॥ ਤਾਂ ਕਿਛੁ ਦਰਗਹ ਪਾਵੈ ਮਾਨੁ ॥੪॥੪॥

آسا محلا پهلا شبد (۴)

اتانڪا :- هڪ دفعي هڪ سک سري گورو نانڪ
ديو جن ... ي. ٻنتي ڪئي ته "سوامي! فلاڻي هنڌ
راس منڊلي ٿي ... دا پالي هلي ڏسو." گورو
صاحب فرمايو ته ... سنسار هڪ راس منڊل آهي.
سنتي ... جوڻ ... ته ... ٿين هتي ته ڪنهيون
... ڏو ڪن ... ون ۽ ... گورو صاحب فرمايو
"... هتي ... آهي. جن ڪيون، ۽ آهن ٻڌي قسم جون."
اٿين چئي گورو صاحب ... سندر شبد اچاريو، جنهن
جنهن جي ڪرنا ڏيکاري ۾ ... سنسار جا ادا وڏي راس
هميشه پيئي ٿي، سا ٻڌائين ٿا.

جاڻهُ جوتِ نه پُوڇهُ ذاتي، آگيِ ذاتِ نه هي
(اِڪ رهاءُ)

ارث :- هي پيارا، سڀ ۾ پرماتما جي جوت ڏسو. ذات
جي ڳالهه نه ڪريو، ڇو جو پرلوڪ ۾ ذات نه آهي.

(٢) آپِ ڪرائي آپِ ڪريهه، آپِ اُلامي چِتِ ڌريهه
جا تُون ڪرڻ هارُ ڪرتارُ، ڪِيا مُحتاجي ڪِيا سنسار

ارث :- پربهو پاڻ ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ آهي ۽ پاڻ جيون
جون دانهون ٻڌڪون او نائيندڙ آهي. هي سرجڻهار ڪرتار
جي تون منهنجي پاسي آهين تہ پوءِ مونکي ڪنهن جي
محتاجي ڪيڏي بوندي ۽ مونکي سنسار ڇا ڪري سگهندو؟
(مطلب تہ مونکي سنسار جو ڪو ڏک نہ ستائيندو). [اُلامي ==
اُلانبي == دانهون.]

(٣) آپ اُپائي آپي ديهہ- آپي دُرمتِ منهہ ڪريهہ
گور پرسادِ وسيِ من آهہ- دُکُ اَنيرا وِچهہ جاءِ

ارث :- پاڻ ئي پربهو جيو پيدا ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي اُنهنکي
رزق ڏئي ٿو. پاڻ ئي (گورو روپ ٿي) کوٽي مت کان
جيون کي هٽائي ٿو. جڏهين گوروءَ جي ڪرپا سان دل ۾
اچي وسي ٿو، تڏهين اگيان روپي اندڪار جو دک، انتهڪرڻ
مان نورت ٿي وڃي ٿو. [منهہ ڪريهہ == منع ڪري ٿو يعني
هٽائي ٿو؛ انيرا == اونده، اندڪار.]

(٤) ساچ پيارا آپِ ڪريهہ- آوري ڪَنهہ ساچُ نہ ديهہ
جي ڪِسيِ ديهہ وکاڻي نانڪ، آگيِ پوڇ نہ ليهہ.

ارث :- جنهن تي پربهو پاڻ ڪرپا ڪري ٿو، تنهن
پياري کي سچو نام ڏئي ٿو؛ ٻئي ڪنهنکي سچو نام نہ ٿو

جن فرمائين ٿا ته جي سام کان سواءِ آهن، سي نيچ آهن.
[خصم = پتي - ڏٺي؛ صاف = صاحب == ڪاريگري جهڙي
معنا ني ڀورميو يا پيچاڻي.]

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਜੇ ਦਰਿ ਮਾਂਗਤੁ ਕੂਕ ਕਰੇ ਮਹਲੀ ਖਸਮੁ ਸੁਣੇ ॥ ਭਾਵੈ ਧੀਰਕ
ਭਾਵੈ ਧਕੇ ਏਕ ਵਡਾਈ ਦੇਇ ॥੧॥ ਜਾਣਹੁ ਜੋਤਿ ਨ ਪੂਛਹੁ
ਜਾਤੀ ਆਗੈ ਜਾਤਿ ਨ ਹੇ ॥੧॥ ਰਹਾਉ ॥ ਆਪਿ ਕਰਾਏ ਆਪਿ
ਕਰੇਇ ॥ ਆਪਿ ਉਲਾਮੇ ਚਿਤਿ ਧਰੇਇ ॥ ਜਾਂ ਤੂੰ ਕਰਣਹਾਰੁ
ਕਰਤਾਰੁ ॥ ਕਿਆ ਮੁਹਤਾਜੀ ਕਿਆ ਸੰਸਾਰੁ ॥੨॥ ਆਪਿ ਉਪਾਏ
ਆਪੇ ਦੇਇ ॥ ਆਪੇ ਦੁਰਮਤਿ ਮਨਹਿ ਕਰੇਇ ॥ ਗੁਰ ਪਰਸਾਦਿ
ਵਸੈ ਮਨਿ ਆਇ ॥ ਦੁਖੁ ਅਨੇਰਾ ਵਿਚਹੁ ਜਾਇ ॥੩॥ ਸਾਚੁ
ਪਿਆਰਾ ਆਪਿ ਕਰੇਇ ॥ ਅਵਰੀ ਕਉ ਸਾਚੁ ਨ ਦੇਇ ॥ ਜੇ ਕਿਸੈ
ਦੇਇ ਵਖਾਣੈ ਨਾਨਕੁ ਆਗੈ ਪੂਛ ਨ ਲੇਇ ॥੪॥੩॥

آسا محلا پهلا شبد (٣)

(پرماتمائي پنهنجن پيارن کي سچو نام بخشي ٿو.)

(١) جي دَرِ مانگتُ ڪُوڪَ ڪري، محلي خصمُ سُڻي
ڀاوي ڌيرڪ ڀاوي ڌڪي، ايڪ وڏائي ڏيئي

[illegible] دسوي راجا جي دري جيڪڏهين ڪو واڳو
[illegible] راجا پنهنجي محل ۾ [illegible]
[illegible] ڏني ٿو يا مٿي جوش ڪري ڌيرج ڏئي ٿو،
[illegible] جي در تي جيڪڏهين ڪو نام پني ٿو ته
[illegible] ملي). سو تنهن جيو کي نام جي وڏائي
ڏئي ٿو. محلي = محلات ۾؛ خصم = مالڪ، راجا؛
ڌيرڪ = ڌيرج.

سو ڪِئُ وِسري ميري ماءِ

ساچا صاحبُ ساچِي ناءِ (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجي ماتا! اُهو ڪئن مونکان وسرندو، جو سچو صاحب آهي ۽ منهنجو سچو نالو آهي.

(٢) ساچي نام ڪي تِلُ وڏائي - آکِ ٿڪي قيمت نهي پائي

جي سڀ مِلِڪي آکڻ پاهِ - وڏا نہ هووي گهاٽِ نہ جاءِ

ارٿ:- سچي نام جي تہ جيتري وڏائي (هوندي) هر جيو ٿڪجي پيا، (پر) اُنجو ملهہ نہ ڄاڻائون. جي سڀئي جيو ملي ڪري (پرماتما) جي وڏائي اُچارڻ ڪن، تہ بہ هو اُنهيءَ ڪري نڪي وڏو ٿي پوندو، نڪي گهٽ ٿيندو.

(٣) نا اوهِ مرِئي نہ هووئي سوڳُ - ديدا رهئي نہ چوڪئي ڀوڳُ

گڻُ ايهو هور ناهي ڪوءِ - نا ڪو هوآ نا ڪو هوءِ

ارٿ:- اُهو (پرماتما) نڪي مري ٿو، نڪي ڪي من کي دکہ ٿئي ٿو. هو جيون کي (دانيون) پيو ڏئي ۽ هنجي ٻخشش جا ڀنڊارَ کٽجڻ جا نہ آهن. پرماتما جو گڻ اهوئي (وڏو آهي) ۽ نڪو ٻيو آهي نہ هن جهڙو نڪو ٿيو ۽ نڪو ٿيندو. [چوڪي --- کٽجڻ.]

(٤) جيوڊُ آپِ تيوڊُ تيري دات - جِنِ دِنُ ڪرِ ڪئي ڪيتي رات

خصمُ وِسارهِ تي ڪمذات - نانڪ ناوئي باجهہ صنات.


ارٿ:- جيڏو وڏو تون پاڻ آهين، اوڏي (وڏي) تنهنجي دات آهي. توئي ڏينهن ڪري رات ڪئي آهي، يعني ڏينهن ۽ رات رچيا آهن. جيڪي (امڙي) مالڪ کي وسارين ٿا، سي ڪمذات آهن. سري گورو نانڪ صاحب

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧

ਆਖਾਂ ਜੀਵਾਂ ਵਿਸਰੈ ਮਰਿ ਜਾਂਉ॥ ਆਖਣਿ ਅਉਖਾ ਸਾਚਾ ਨਾਂਉ॥
ਸਾਚੇ ਨਾਮ ਕੀ ਲਾਗੈ ਭੂਖ॥ ਤਿਤੁ ਭੂਖੈ ਖਾਇ ਚਲੀਅਹਿ ਦੂਖ॥੧॥
ਸੋ ਕਿਉ ਵਿਸਰੈ ਮੇਰੀ ਮਾਇ ॥ ਸਾਚਾ ਸਾਹਿਬੁ ਸਾਚੈ ਨਾਇ ॥੧॥
ਰਹਾਉ॥ ਸਾਚੇ ਨਾਮ ਕੀ ਤਿਲੁ ਵਡਿਆਈ॥ ਆਖਿ ਥਕੇ ਕੀਮਤਿ
ਨਹੀ ਪਾਈ ॥ ਜੇ ਸਭਿ ਮਿਲਿਕੈ ਆਖਣਿ ਪਾਹਿ ॥ ਵਡਾ ਨ ਹੋਵੈ
ਘਾਟਿ ਨ ਜਾਇ ॥ ੨ ॥ ਨਾ ਓਹੁ ਮਰੈ ਨ ਹੋਵੈ ਸੋਗੁ ॥ ਦੇਂਦਾ
ਰਹੈ ਨ ਚੂਕੈ ਭੋਗੁ ॥ ਗੁਣੁ ਏਹੋ ਹੋਰੁ ਨਾਹੀ ਕੋਇ ॥ ਨਾ ਕੋ ਹੋਆ
ਨਾ ਕੋ ਹੋਇ ॥ ੩ ॥ ਜੇਵਡੁ ਆਪਿ ਤੇਵਡ ਤੇਰੀ ਦਾਤਿ ॥ ਜਿਨਿ
ਦਿਨੁ ਕਰਿਕੈ ਕੀਤੀ ਰਾਤਿ ॥ ਖਸਮੁ ਬਿਸਾਰਹਿ ਤੇ ਕਮਜਾਤਿ ॥
ਨਾਨਕ ਨਾਵੈ ਬਾਝੁ ਸਨਾਤਿ ॥ ੪ ॥ ੨ ॥

آسا محلا پهلا شبد (٢)

اُٿانڪا:- سري گرو نانڪ صاحب جن چڙهين
چئو ته "سن دان والسکي تول بول، آنند سان ڪيئن ماتا ترپتا
سن ٩٩ ساحن جواب ۾ ڏي ۽ شبد چيو:-
(١) آکان جيوان و سري مرجان ؛- آکط اؤکا ساچا نان ؛
ساچي نام کي لاگي ڀُوکر. تت ڀُوکي کاءِ چليئهِ ڏُوکر
... مي امي ا ... جو دالو گهران نو ته جيئان
... و ... مرڻ . جن نو، ... نام اُڄارڻ
... (...) ... جي ئي ته لگي بيٺي آهي.
... کي ڪائي وڃان نو ...
... آکن == جوان .]



تنهنجي تہ ماتر وڏائي جيتي نہ سگهندا. [سرتي = سرت يعني ڌيان لڳائيندڙ؛ گورڌائي = وڏا گورو، گورن جا گورو.]

(۳) سڀ ست سڀ تپ سڀ چنگيائيان
سڌان پورکان ڪيتا وڏائيان
تڌ وڻ سڌي ڪنئي نہ پائيا
ڪرم ملي نانهي ڌاڪ رهائيا

ارٿ:- سڀ ست، تپ ۽ چڱايون، ۽ سڌ پرشن جون (سڀ) وڏايون (ڪري ڏيکن، تہ بہ) تو کان سواءِ سڌي يعني پورنتا ڪنهن بہ نہ پاتي آهي؛ (پرجي) تنهنجي ڪرپا ٿئي تہ (اهي سڌيون ڪنهنجي) روڪڻ ڪري نہ ٿيون روڪجن يعني اوس ملنديون.

(۴) آکڻ والا ڪيتا ويچارا
صفتي ڀري تيري ڀنڊارا
جس تون ڏيهه تسي ڪتا چارا
نانڪ سچ سوارڻ هارا.

ارٿ:- تنهنجي صفت ڪئڻ واري ويچاري جو ڪهڙو وس آهي! ڀاو- تنهنجي پورن صفت ڇا ڪري سگهندو! تنهنجي صفت جو ڀنڊار ڀرپور آهي. جنهنکي تون پنهنجي صفت جي دات ڏين ٿو، تنهن تي ڪنهنجو وس هلي سگهندو؟ سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ تون (سڀني جو) سچو سنواريندڙ آهين. [چارا = علاج، وس؛ سوارڻ هارا = سنواريندڙ.]




ضرور درشن ڪيو هوندو. اُنجي اُتر ۾ هيءَ شبد گورو
صاحبن پرماتما جي سنمکہ ٿي چيو:-

(١) سڻ وڏا آکي سڀ ڪوءِ. ڪيوڏ وڏا ڏيٺا هوءِ
قيمت پاءِ نہ ڪهيا جاءِ. ڪهڻي والي تيري رهي سماءِ.

ارٿ:- سڻي ڪري جيو جيتري قدر تنهنجي وڏائي بنڌي
ٿي، (اوتري قدر) وڏو بيو چوي ٿو (پر) ڪيڏو وڏو (تون
آهين)، سو ڪهن ڏٺو آهي؟ جيڪڏهين تنهنجي قيمت
پائي وجي، ته بہ اُهو بيان ڪري نہ سگهي، جاڪاڻ تہ
تنهنجا ڪيندڙ ڪٿا ڪندي ڪندي تو ۾ سمائجي
وڃن ٿا.

وڏي ميري صاحبا،ڳهر گنيرا گُڻي گهيرا
ڪوءِ نہ جاڻي تيرا ڪيتا، ڪيوڏ چيرا (اڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا وڏا سائين، گنڀير، گهيرا ۽ گڻن
جا ڀنڊار! ڪو بہ جاڻي نہ ٿو تنهنجو ڪيترو ۽ ڪيڏو پسارو
آهي. [چيرا == حڪم روپ پروانو، حد، راڄ.]

(٢) سڀ سرتي مل سرت ڪمائي
سڀ قيمت مل قيمت پائي
گياني ڌياني گور گوردائي
ڪهڻ نہ جائي تيري ڌل وڏائي

ارٿ:- جيڪڏهن سڀ سرت رکڻ وارا گڏجي سرت يا ڌيان
ڪرين، جيڪڏهن سڀ قيمت پائيندڙ يا ڪٿيندڙ گڏجي
قيمت ڪٿين، ۽ جيڪڏهن سڀ گياني، ڌياني، گورو، گورن جا گورو بہ گڏجي قيمت ڪٿين، ته بہ

ارٿ:- جيڪي توکي وڻي ٿو، سو ورتجي ٿو؛ جيڪي
تون پالڻ ڪرين ٿو، سوئي ٿئي ٿو. تو پاڻيهي ساري سرشٽي
اُپن ڪئي آهي؛ تون ئي پاڻيهي سڀني دنيا سرجي يعني پالي، لئي
ڪرين ٿو. سري گورو نانڪ صاحب داس ڀاو سان چون ٿا ته
اسين انهيءَ پرماتما جا گڻ ڳايون ٿا، جو سڀني ڳالهين جو
ڄاڻندڙ آهي. [گوئي == ناس ڪئي.

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧ ਚਉਪਦੇ ਘਰੁ ੨

ਸੁਣਿ ਵਡਾ ਆਖੈ ਸਭੁ ਕੋਇ ॥ ਕੇਵਡੁ ਵਡਾ ਡੀਠਾ ਹੋਇ ॥ ਕੀਮਤਿ ਪਾਇ ਨ ਕਹਿਆ ਜਾਇ ॥ ਕਹਣੈ ਵਾਲੇ ਤੇਰੇ ਰਹੇ ਸਮਾਇ ॥੧॥ ਵਡੇ ਮੇਰੇ ਸਾਹਿਬਾ ਗਹਿਰ ਗੰਭੀਰਾ ਗੁਣੀ ਗਹੀਰਾ ॥ ਕੋਈ ਨ ਜਾਣੈ ਤੇਰਾ ਕੇਤਾ ਕੇਵਡੁ ਚੀਰਾ ॥ ੧ ॥ ਰਹਾਉ ॥ ਸਭਿ ਸੁਰਤੀ ਮਿਲਿ ਸੁਰਤਿ ਕਮਾਈ ॥ ਸਭ ਕੀਮਤਿ ਮਿਲਿ ਕੀਮਤਿ ਪਾਈ ॥ ਗਿਆਨੀ ਧਿਆਨੀ ਗੁਰ ਗੁਰਹਾਈ ॥ ਕਹਣੁ ਨ ਜਾਈ ਤੇਰੀ ਤਿਲੁ ਵਡਿਆਈ ॥੨॥ ਸਭਿ ਸਤ ਸਭਿ ਤਪ ਸਭਿ ਚੰਗਿਆਈਆ॥ ਸਿਧਾਂ ਪੁਰਖਾਂ ਕੀਆਂ ਵਡਿਆਈਆਂ ॥ ਤੁਧੁ ਵਿਣੁ ਸਿਧੀ ਕਿਨੈ ਨ ਪਾਈਆ ॥ ਕਰਮਿ ਮਿਲੈ ਨਾਹੀ ਠਾਕਿ ਰਹਾਈਆ ॥ ੨ ॥ ਆਖਣ ਵਾਲਾ ਕਿਆ ਬੇਚਾਰਾ ॥ ਸਿਫ਼ਤੀ ਭਰੇ ਤੇਰੇ ਭੰਡਾਰਾ ॥ ਜਿਸੁ ਤੂੰ ਦੇਹਿ ਤਿਸੈ ਕਿਆ ਚਾਰਾ ॥ ਨਾਨਕ ਸਚੁ ਸਵਾਰਣ ਹਾਰਾ ॥ ੪ ॥ ੧ ॥

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

راڳ آسا محلا پهلا شبد (۱) چؤپدي گهر دوجا.

اُٿانڪا:- دس هزاري جو پرشن ٿيو ته ديا پالي
پرميشور جي وڏائيءَ جو بيان ڪريو، جنهنجو اوسان

انڪ، تنهنجي انڪ (پاو- پاپ جي) بوجا جيو ڪن ٿا ۽ سنائون ڪن ٿا ۽ جاپ ڪن ٿا.

تيري اَنڪ تيري اَيڪ پڙهه بهه سمرت ساست جي،
ڪر ڪر تا ڪت ڪرم ڪرنتا

سي ڀڳت سي ڀڳت ڀلي جن نانڪ جي، جو ڀاوهه
ميراي مر ڀڪو نتا.

ارث:- تنهنجا ايڪ ۽ ايڪ ۽ جيسو تهنڪون گهڻون سمرتيون ۽ شاستر پڙهن ٿا ۽ جهن قسمن جا ڪرم ڪن ٿا. مگر اُمي ڀڳت، اُمي ڀڳت سريشٽ آهن، جي سري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا، مهنجي ڀڳوت کي وڻن ٿا. [ڪت ڪرم == (٦) ڪرم:- پڙهڻ، پاڙهڻ، ڀگير ڪرڻ، ڀگير ڪرائڻ، دان ڏيڻ ۽ دان وٺڻ.]

(٥) تون آد پرکر اَپرنپر ڪرتا جي، تڌ جيوڏ اَور نہ ڪوئي
تون جُڳ جُڳ ايڪو، سدا سدا تون ايڪو جي، تون
نهچل ڪرتا سوئي

ارث:- تون آد ڪان وياپڪ، هري ني برتر، سارتيء سرشٽيء جو رچيندڙ آهين، تو جيڏو بيو ڪو ڪونهي. تون جگن جگن ۾ هڪڙو، سدائين هڪڙو آهين ۽ تون ئي هڪڙو قائم ڪرتار آهين. [اپرنپر = پري کان پري.]

تڌ آپي ڀاوي سوئي ورتي جي، تون آپي ڪرهن هوئي
تڌ آپي سرشٽ سڀ اُپائي جي، تڌ آپي سرج سڀ ڪوئي
جن نانڪ گڻ گاوي ڪرتي ڪي جي، جو سڀسي
ڪا جا ڻوئي.

سي جن ڄڳه مهه سک واسي
) هر ڌيا ويه هر ڌياوه تڏ جي ، سي جن هر ڌنائتا جيئه ،
سي مڪت سي مڪت ڀئي ، جن ٽوٽي جم ڪي ڦاسي

ارٿ :- هي هري ! جيڪي توکي ڌيائين ٿا ، هي هري ! جيڪي توکي ڌيائين ٿا ، اهي پرش جڳت ۾ سکي رهن ٿا . اهي چتل آهن ، اهي چتل آهن ، جن هريءَ کي ڌيايو آهي . اهي شخص چتل آهن . انهن جي جم جي ڦاسي ڪٽجي وڃي ٿي . اڪت = جتل .

جن نرڀؤ جن هر نرڀؤ ڌيائتا جيئه ، تن ڪاڀؤ سڀ گواسي
جن سيوئا جن سيوئا ميرا هر جيئه ، تي هر هر روپ سماسي .
سي ڌن سي ڌن جن هر ڌنائتا جيئه ، جن نانڪ تن ٻل جاسي .

ارٿ :- جن نرڀؤ کي ، جن نرڀؤ هريءَ کي ڌيايو آهي ، تن جو سڀ ڀؤ ناس ٿي وڃي ٿو . جن سيويو آهي ، جن سيويو آهي منهنجي هريءَ پرماتما کي ، سي هريءَ جي روپ ۾ سمائجي ويا آهن . ڌن آهن اهي پرش ، جن هريءَ کي ڌيايو آهي . سري گورو نانڪ صاحب جن داس ٻلهاران ٿيون ٿا ٿو انهن تان گهوراڻ وڃان .

(٣) تيري ڀڳت تيري ڀڳت ڀنڊار جي ، ڀري بي انت بي انتا
تيري ڀڳت تيري ڀڳت سلاهن تڌ جي ، هر انڪ انڪ انتا
تيري انڪ تيري انڪ ڪره هر پوجا جي ، تپ تاپه جپه بي انتا

ارٿ :- تنهنجي ڀڳتيءَ ، تنهنجي ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، هي بي انت ! بي انت ڀريل آهن . هي بي انت ! تنهنجا انيڪ ڀڳت تنهنجي صفت پيا ڪن . هي بي انت ! تنهنجي

ارٿ:- سڀ جيو تنهنجا آهن ۽ تون ئي جيون جو داتار آهين. هي سڀ جيوا (اوڙي) هري کي ڌيايو، جو سڀ ڏک دور ڪندڙ آهي. هي ڀائي! هري پاڻ ٺاڪر يعني (پوڄيڪ) آهي ۽ سيوا ڪندڙ به پاڻ آهي. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ هي ويچارو جيو ڇا آهي يعني هن جيو جي وس ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي.

(٢) تون گهٽ گهٽ انتر سرب نرنتر جي، هري ايڪو پرکہ سماڻا
اڪ داتي اڪ ڀيکاري جي، سڀ تيري چوج وڊاڻا

ارٿ:- تون ڪيٽ گهٽ ۾ وسين تو ۽ سڀني ۾ هڪ رس آهين، هي هري! تون هڪڙوئي پرش آهين، جو سڀني ۾ وياپي رهيو آهين. هڪڙن کي داتار (ڪيو اٿئي) ۽ ٻين کي وري منگتو (ڪيو اٿئي) ۽ اهي سڀ تنهنجا عجب ڪمال آهن. [نرنتر= انتري يعني تفاوت کان سواءِ، هڪجهڙو، هڪ رس؛ چوج= ڪمل؛ وڊاڻا= عجيب.]

تون آپي داتا آپ ڀڳتا جي، هؤ تڌ بن اور نہ جاڻا
تون پارٻرهم بي انت جي، تيري ڪيا گڻ آکو ڪاڻا
جہ سيوہ جو سيوہ تڌ جي، جن نانڪ تن قربانا.

ارٿ:- تون پاڻ داتار آهين (۽ آهين داتين جو) ڀوڳيندڙ آهين؛ مان توکان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ٿو سڃاڻان. تون پارٻرهم بي انت، بي انت آهين، آءٌ تنهنجا ڪهڙا گڻ چئي. ... سري گورو نانڪ صاحب داس پاڻ سان جوڙ ... جيڪي تنهنجي سيوا ٿا ڪن، تن تان آءٌ ٻليهار وڃان. ... ڀوڳيندڙ.]

ਸਮਾਸੀ ॥ ਸੇ ਧੰਨੁ ਸੇ ਧੰਨੁ ਜਿਨ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਜੀਉ ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਤਿਨ ਬਲਿ ਜਾਸੀ ॥ ੩ ॥ ਤੇਰੀ ਭਗਤਿ ਤੇਰੀ ਭਗਤਿ ਭੰਡਾਰ ਜੀ ਭਰੇ ਬੇਅੰਤ ਬੇਅੰਤਾ ॥ ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਤੇਰੇ ਤ ਸਲਾਹਨਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਹਰਿ ਅਨਿਕ ਅਨੇਕ ਅਨੰਤਾ ॥ ਤੇਰੀ ਅਨਿਕ ਤੇਰੀ ਅਨਿਕ ਕਰਹਿ ਹਰਿ ਪੂਜਾ ਜੀ ਤਪੁ ਤਾਪਹਿ ਜਪਹਿ ਬੇਅੰਤਾ ॥ ਤੇਰੇ ਅਨੇਕ ਤੇਰੇ ਅਨੇਕ ਪੜਹਿ ਬਹੁ ਸਿਮ੍ਰਿਤਿ ਸਾਸਤ ਜੀ ਕਰਿ ਕਿਰਿਆ ਖਟੁ ਕਰਮ ਕਰੰਤਾ ॥ ਸੇ ਭਗਤ ਸੇ ਭਗਤ ਭਲੇ ਜਨ ਨਾਨਕ ਜੀ ਜੋ ਭਾਵਹਿ ਮੇਰੇ ਹਰਿ ਭਗਵੰਤਾ ॥ ੪ ॥ ਤੂੰ ਆਦ ਪੁਰਖੁ ਅਪਰੰਪਰੁ ਕਰਤਾ ਜੀ ਤੁਧੁ ਜੇਵਡੁ ਅਵਰੁ ਨ ਕੋਈ॥ ਤੂੰ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਏਕੋ ਸਦਾ ਸਦਾ ਤੂੰ ਏਕੋ ਜੀ ਤੂੰ ਨਿਹਚਲੁ ਕਰਤਾ ਸੋਈ ॥ ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਵਰਤੈ ਜੀ ਤੂੰ ਆਪੇ ਕਰਹਿ ਸੁ ਹੋਈ॥ ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਸ੍ਰਿਸਟਿ ਸਭ ਉਪਾਈ ਜੀ ਤੁਧੁ ਆਪੇ ਸਿਰਜਿ ਸਭ ਗੋਈ ॥ ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਗੁਣ ਗਾਵੈ ਕਰਤੇ ਕੇ ਜੀ ਜੋ ਸਭਸੈ ਕਾ ਜਾਣੋਈ ॥ ੫ ॥ ੧ ॥ ੨ ॥

آسا محلا چوتان

(۱) سو پرکھ نرنجن، ھر پرکھ نرنجن، ھر اگما اگم اپارا

سڀ ڌياوھ، سڀ ڌياوھ تڌ جي، ھر سچي سرجڻھارا

ارٿ:- اھو پرکھ پرماتما نرنجن آھي، اھو ھري پرکھ نرنجن آھي، ھري اگمن کان اگم ۽ اپار آھي. سڀ توکي ئي ڌيائن ٿا، سڀ توکي ئي ڌيائين ٿا، ھي ھري! (تون) سچو اُتپن ڪندڙ آھين.
[نرنجن = مايا کان نيارو؛ اگم = بي انت؛ سرجڻھارا = اُتپن ڪندڙ.

سڀ جيءَ تمھاري جي، تون جيئن ڪا داتارا

ھر ڌياوھ سنتھ جي، سڀ دکھ وسارڻ ھارا

ھر آپي ٺاڪر ھر آپي سيوڪ جي، ڪيا نانڪ جنت وچارا

جو تس پاوے سوئی کرسی، پھر حکم نہ کرنا جائی
سو پاتشاہ شاہا پت صاحب، نانک رہنا رضائی۔

ارت:- جس مکي وٹلی نو، تس ہو کری نو، مس
بی کی حکم ملي نہ نو سگی۔ اوہ صاحب بادشاہ جو
بادشاہ آہی۔ سری گورو نانک صاحب جی فرمائیں تاں اسی دی
جی رضا دی ملن گھرجی۔

ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੪

ਸੋ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨੁ ਹਰਿ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰੰਜਨੁ ਹਰਿ ਅਗਮਾ ਅਗਮ ਅਪਾਰਾ ॥ ਸਭਿ ਧਿਆਵਹਿ ਸਭਿ ਧਿਆਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਹਰਿ ਸਚੇ ਸਿਰਜਣਹਾਰਾ॥ ਸਭਿ ਜੀਅ ਤੁਮਾਰੇ ਜੀ ਤੂੰ ਜੀਆਂ ਕਾ ਦਾਤਾਰਾ॥ ਹਰਿ ਧਿਆਵਹੁ ਸੰਤਹੁ ਜੀ ਸਭਿ ਦੂਖ ਵਿਸਾਰਣ ਹਾਰਾ ॥ ਹਰਿ ਆਪੇ ਠਾਕੁਰੁ ਹਰਿ ਆਪੇ ਸੇਵਕੁ ਜੀ ਕਿਆ ਨਾਨਕ ਜੰਤ ਵਿਚਾਰਾ ॥ ੧ ॥ ਤੂੰ ਘਟ ਘਟ ਅੰਤਰਿ ਸਰਬ ਨਿਰੰਤਰਿ ਜੀ ਹਰਿ ਏਕੋ ਪੁਰਖੁ ਸਮਾਣਾ ॥ ਇਕਿ ਦਾਤੇ ਇਕਿ ਭੇਖਾਰੀ ਜੀ ਸਭਿ ਤੇਰੇ ਚੋਜ ਵਿਡਾਣਾ ॥ ਤੂੰ ਆਪੇ ਦਾਤਾ ਆਪੇ ਭੁਗਤਾ ਜੀ ਹਉ ਤੁਧੁ ਬਿਨੁ ਅਵਰੁ ਨ ਜਾਣਾ ॥ ਤੂੰ ਪਾਰਬ੍ਰਹਮੁ ਬੇਅੰਤੁ ਬੇਅੰਤੁ ਜੀ ਤੇਰੇ ਕਿਆ ਗੁਣ ਆਖਿ ਵਖਾਣਾ ॥ ਜੋ ਸੇਵਹਿ ਜੋ ਸੇਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਜਨੁ ਨਾਨਕੁ ਤਿਨ ਕੁਰਬਾਣਾ ॥ ੨ ॥ ਹਰਿ ਧਿਆਵਹਿ ਹਰਿ ਧਿਆਵਹਿ ਤੁਧੁ ਜੀ ਸੇ ਜਨ ਜੁਗ ਮਹਿ ਸੁਖਵਾਸੀ ॥ ਸੇ ਮੁਕਤੁ ਸੇ ਮੁਕਤੁ ਭਏ ਜਿਨ ਹਰਿ ਧਿਆਇਆ ਜੀਉ ਤਿਨ ਤੂਟੀ ਜਮ ਕੀ ਫਾਸੀ ॥ ਜਿਨ ਨਿਰਭਉ ਜਿਨ ਹਰਿ ਨਿਰਭਉ ਧਿਆਇਆ ਜੀਉ ਤਿਨ ਕਾ ਭਉ ਸਭੁ ਗਵਾਸੀ ॥ ਜਿਨ ਸੇਵਿਆ ਜਿਨ ਸੇਵਿਆ ਮੇਰਾ ਹਰਿ ਜੀਉ ਤੇ ਹਰਿ ਹਰਿ ਰੂਪਿ

(٣) سيتج == پگهر مان پيدا ٿيل؛ جئن ته جُوئن ۽ ٻگهڙ وغيره.

(٤) اُتڀج == زمين مان پيدا ٿيل؛ جئن ته وڻ ٽڻ وغيره.

سيئي تُڌ نو گاوَن جو تُڌ ڀاوَن، رَتي تيري ڀڳت رسالي

هور ڪيتي تُڌ نو گاوَن، سي مئي چِت نه آوَن،

نانڪ ڪيا بيچاري

ارٿ:- اُهي ئي توکي ڳائين ٿا، جي توکي وڻن ٿا؛ ٻيا به ڪئين تنهنجا ڀڳت (تنهنجي) پريم ۾ رتل آهن. ٻيا ڪئين توکي ڳائين ٿا، جي مونکي ياد نه ٿا اچن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته آءٌ اُنهن ڳائيندڙن جو ڪهڙو ويچار ڪري سگهندس؟

سوئي سوئي سدا سچ صاحب، ساچا ساهب نائي

هئي ڀي هوسي، جاءِ نه جاسي، رچنا جن رچائي

ارٿ:- اُهو ئي سائين سدائين سچو ۽ سچ روپ آهي؛ ان سچي جو نالو سچو آهي. جنهن برهمانڊ رچنا رچي آهي، (سو) هيئنر به آهي، آئيندي به هوندو ۽ نڪي جي تو نڪي مري ٿو.

رنگي رنگي ڀانتي جنسي، مائيا جن اُپائي

ڪرِ ڪرِ ديکئي ڪيتا اپڻا، جِئن تِس دي وڏيائي

ارٿ:- اُهو برهما اڏڻ آهي، جنهن طرح طرح رنگن، [illegible] ڀانتين ۽ جنسن جي مايا رچي آهي ۽ پنهنجي سرشٽي [illegible] خيالي ٿو. [illegible] پنهنجي وڏائي ۽ [illegible] خيال آهي [illegible] پاڻ آهي، تنهن جي وڏائي [illegible] خيال [illegible] پاڻ خيال ڪري ٿو.

ڪاون ڏڏلو جتي ستي سنتوڪي، ڪاون ڏڏلو ويرڪراري

ڪاون ڏڏلو ڀندت پڙي رکيسر، جڳ جڳ ويدا ٿالي

ارٿ:- توکي جتي، ستي ۽ سنتوکي ڳائين ٿا ۽ مهابلي (ٻهر) توکي ڳائين ٿا. توکي پڙهندڙ پنڊت ۽ سرومڻي رشي ويدن سميت جڳ جڳ ۾ ڳائين ٿا. [ڪراري = سخت، ڪرارا؛ ٿالي = سميت.]

ڪاون ڏڏ ٽو موهڻيان من موهن، سرڳ مڇ پئٽالي

ڪاون ڏڏلو رتن اپائي تيري، جيتي اٺسٺ تيرٿ ٿالي

ارٿ:- توکي سرڳ لوڪ، مرت لوڪ ۽ پاتال لوڪ جون من موهيندڙ اپسرائون ڳائين ٿيون. سهمجا اپايل رتن ۽ (٦٨) تيرٿ توکي ڳائين ٿا. [مڇ — مرت لوڪ؛ پئٽالي = پاتال لوڪ.]

نوٽ:- [illegible] رتن، امرت وغيره، ديوتائن سمنڊ [illegible] ڪڍيا هئا، اُن بابت سري مد ڀاڳوت [illegible] بيان ٿيل آهي.

ڪاون ڏڏ [illegible] جوڌ مهابل سورا، ڪاون ڏڏ کاڻي چاري

[illegible] ڪرڪر رکي تيري ڌاري

[illegible] مهابلوان سورما ڳائين ٿا ۽ چئن [illegible] توکي [illegible] لوڪ ۽ برهمانڊ [illegible] ڪيا آهن، سي ڳائين ٿا.

[illegible] آهن:- (١) انڊج = آني مان [illegible] جئن [illegible] وغيره.

[illegible] جيرج [illegible] جئن ته انسان وغيره.

آگڻت ناد ۽ واڃا آدن ۽ وڃائڻ وارا ۽ ڪيئين آدن. [اسنڪا ==
اڳڻت ۽ واوڻ داري == وڃائڻ وارا.]

ڪيتي تيري راڳ پري سڻ ڪهيئه، ڪيتي تيري
ڪاوڻ داري

ڳاوڻ تڌ نو پوڻ پاڻي بئسنتر، ڳاوئي راجا ڌرم دئاري
ارٿ :- ڪيترائي تنهنجا (جس جا) راڳ، راڳڻيون
سميت (سرن سان) ڳائيجن ٿا ۽ ڪيئين تنهنجي جس ڳائڻ
وارا آدن. توکي هوا، پاڻي ۽ باهه ڳائين ٿا ۽ ڌرم راجا بڻ
توکي تنهنجي دئاري (تي) ڳائي ٿو. باوا ادي ... ۽
تنهنجي بنهنجي شڪتي، دئاران تنهنجي شڪتي ۽ جو برڪاش
ڪن ٿا. [بئسنتر = اگني.]

ڳاوڻ تڌ نو چت گپت لک جاڻن، لک لک ڌرم ويچاري
ڳاوڻ تڌ نو ايسر برهما ديوي، سوهن تيري سدا سواري
ارٿ :- توکي (خود) چترگپت، جي جيون جي
ڪرم جو ليکو لکي جاڻن ۽ جن جي لکڻي تي ڌرم راجا
بڻ ويچار ڪري ٿو، سي ۽ توکي ڳائين ٿا. شو، برهما ۽
ديوي، جي تنهنجا سنواريل آدن ۽ سدائين سونهن ٿا، سي
بڻ تنهنجا گڻ ڳائين ٿا. [سواري == سنواريل، سينگاريل.]

ڳاوڻ تڌ نو اندر اندر آسڻ بيٺي، ديوتئا در ناليٰ
ڳاوڻ تڌ نو سڌ سماڌي اندر، ڳاوڻ تڌ نو ساڌ بيچاري
ارٿ :- توکي اندر، تخت تي ويٺي (يعني ابلي تي اندر
دونئي بر) ديوتائن سميت (تنهنجي) در (تي) ڳائي ٿو.
توکي سڌ سماڌي ۾ آرادين ٿا (۽) پڪت توکي ويچار ۾
(مگن) ٿي ڳائين ٿا.

ਜਿਨਿ ਰਚਾਈ ॥ ਰੰਗੀ ਰੰਗੀ ਭਾਂਤੀ ਜਿਨਸੀ ਮਾਇਆ ਜਿਨਿ ਉਪਾਈ ॥ ਕਰਿ ਕਰਿ ਦੇਖੈ ਕੀਤਾ ਅਪਣਾ ਜਿਉ ਤਿਸਦੀ ਵਡਿਆਈ॥ ਜੋ ਤਿਸੁ ਭਾਵੈ ਸੋਈ ਕਰਸੀ ਫਿਰਿ ਹੁਕਮੁ ਨ ਕਰਣਾ ਜਾਈ ॥ ਸੋ ਪਾਤਿਸ਼ਾਹੁ ਸ਼ਾਹਾ ਪਤਿ ਸਾਹਿਬੁ ਨਾਨਕ ਰਹਣੁ ਰਜਾਈ ॥੧॥੧॥

ايڪ اونڪار ستنام ڪرتا پرک نربڀؤ نروير
اَڪال مؤرت اَجوني سئڀن گور پرساد.

راڳ آسا محلا پهلا گهر پهلا سودر.

"سودر" هن شبد تي ڳالهائي ڪري پيو آهي، جو هن شبد جو پهريون لفظ "سودر" آهي. ڪن جنم ساکين ۾ ائين ڏيکاريل آهي ته گرو صاحب جن اڪال پرک جي حضور ۾ ويا، اتي هي شبد اُچارڻ ڪيائون. ائين به لکيل آهي ته جڏهين صاحبن ويهي ندي ۾ ٽي ڏينهن ٽپي هنئين هئي، تڏهين نڪرڻ بعد هي شبد پرماتما ڏانهن سمکر ڪري اُچارڻ ڪيو هئائون.

سودر تيرا ڪيها سو گهرُ ڪيها، جت بهه سَرب سَمالي
واجي تيري ناد اَنيڪ اَسنکا، ڪيتي تيري واوڻ هاري

ارٿ:- (هي هرِ)، اهو تنهنجو دروازو ڪهڙو آهي؟ اهو تنهنجو گهر ڪهڙو آهي، جتي ويهي تون سڀني جي سنڀال ٿو ڪرين؟ (تنهنجي اَسٽ گاڻا آهه) ڪئين قسم جا؟


ਰਾਗੁ ਆਸਾ

ੴ ਸਤਿਨਾਮੁ ਕਰਤਾ ਪੁਰਖੁ ਨਿਰਭਉ ਨਿਰਵੈਰੁ
ਅਕਾਲ ਮੂਰਤਿ ਅਜੂਨੀ ਸੈਭੰ ਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

ਰਾਗੁ ਆਸਾ ਮਹਲਾ ੧ ਘਰੁ ੧ ਸੋਦਰੁ ॥

ਸੋ ਦਰੁ ਤੇਰਾ ਕੇਹਾ ਸੋ ਘਰੁ ਕੇਹਾ ਜਿਤੁ ਬਹਿ ਸਰਬ ਸਮਾਲੇ ॥ ਵਾਜੇ ਤੇਰੇ ਨਾਦ ਅਨੇਕ ਅਸੰਖਾ ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਵਾਵਣ ਹਾਰੇ ॥ ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਰਾਗ ਪਰੀ ਸਿਉ ਕਹੀਅਹਿ ਕੇਤੇ ਤੇਰੇ ਗਾਵਣ ਹਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਪਉਣੁ ਪਾਣੀ ਬੈਸੰਤਰੁ ਗਾਵੈ ਰਾਜਾ ਧਰਮ ਦੁਆਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਚਿਤੁ ਗੁਪਤੁ ਲਿਖਿ ਜਾਣਨਿ ਲਿਖਿ ਲਿਖਿ ਧਰਮੁ ਵੀਚਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਈਸਰੁ ਬ੍ਰਹਮਾ ਦੇਵੀ ਸੋਹਨਿ ਤੇਰੇ ਸਦਾ ਸਵਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਇੰਦ੍ਰ ਇੰਦ੍ਰਾਸਣਿ ਬੈਠੇ ਦੇਵਤਿਆ ਦਰਿ ਨਾਲੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਸਿਧ ਸਮਾਧੀ ਅੰਦਰਿ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਸਾਧ ਬੀਚਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਜਤੀ ਸਤੀ ਸੰਤੋਖੀ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਵੀਰ ਕਰਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਪੰਡਿਤ ਪੜੇ ਰਖੀਸੁਰ ਜੁਗੁ ਜੁਗੁ ਬੇਦਾ ਨਾਲੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਮੋਹਣੀਆ ਮਨੁ ਮੋਹਨਿ ਸੁਰਗੁ ਮਛੁ ਪਇਆਲੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਰਤਨ ਉਪਾਏ ਤੇਰੇ ਜੇਤੇ ਅਠਸਠਿ ਤੀਰਥ ਨਾਲੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਜੋਧ ਮਹਾ ਬਲ ਸੂਰਾ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਖਾਣੀ ਚਾਰੇ ॥ ਗਾਵਨਿ ਤੁਧਨੋ ਖੰਡ ਮੰਡਲ ਬ੍ਰਹਮੰਡਾ ਕਰਿ ਕਰਿ ਰਖੇ ਤੇਰੇ ਧਾਰੇ ॥ ਸੇਈ ਤੁਧਨੋ ਗਾਵਨਿ ਜੋ ਤੁਧੁ ਭਾਵਨਿ ਰਤੇ ਤੇਰੇ ਭਗਤ ਰਸਾਲੇ ॥ ਹੋਰਿ ਕੇਤੇ ਤੁਧਨੋ ਗਾਵਨਿ ਸੇ ਮੈ ਚਿਤਿ ਨ ਆਵਨਿ ਨਾਨਕੁ ਕਿਆ ਬੀਚਾਰੇ ॥ ਸੋਈ ਸੋਈ ਸਦਾ ਸਚੁ ਸਾਹਿਬੁ ਸਾਚਾ ਸਾਚੀ ਨਾਈ ॥ ਹੈਭੀ ਹੋਸੀ ਜਾਇ ਨ ਜਾਸੀ ਰਚਨਾ

نوٽ :- جتي گورمکي ۾ شبد شروع ٿو ٿئي، اُهو صفحو فهرست ۾ ڏيکاريل آهي.






فهرست





فہرست







فهرست





[illegible]

[illegible] ۱۰۰

[illegible] ۱۰۲

[illegible] پالي منسڪر حي

ساڪي ۱۱۲-۱۳۲

[illegible] ۱۳۳

[illegible] ۱۳۵

[illegible] ۱۳۹

[illegible] والدا هي

ساڪي ۱۱-۱۶ [illegible] ۱۴۲

آسا مڪلا سڪا ۸۹ [illegible]

[illegible] ۹۰ [illegible] ۱۵۳

[illegible] ۹۲ [illegible] ۱۵۶

[illegible] ۹۵ [illegible] ۱۵۸

[illegible] ۹۷ [illegible] ۱۶۰

[illegible] ۹۸ [illegible] ۱۶۲

[illegible] ۱۶۰

[illegible] ۱۰۲ [illegible] ۱۶۶

[illegible] ۱۰۳ [illegible]

[illegible] ۱۰۴ [illegible] ۱۶۸

੧ ਓ ਸਤਿਗੁਰ ਪ੍ਰਸਾਦਿ ॥

فهرست

راگ آسا جو تذڪرو

گرو واڻي

ساليانو جلد نمبر اٺون

راڳ آسا

ڀاڱو پهريون

سال ١٩٢/ع